# سنڌ ايڪٽ نمبر XIII مجريه 2015

# SINDH ACT NO.XIII OF 2015

# سنڌ عوامي ملڪيت جي انشورنس ايڪٽ، 2015

# THE SINDH INSURANCE OF PUBLIC PROPERTY ACT, 2015

## (CONTENTS)فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2.وصفون

Definitions

3.عوامي ملڪيت جي انشورنس

Insurance of public property

4.ڇوٽ

Exemption

5.ايڪٽ جو لاڳو ٿيڻ

Applicability of the Act

6.آرڊيننس جي ڀڃڪڙي تي ڏنڊ

Penalty for contravention of the Ordinance

7.هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ جو خاتمو

Cessation of the application of this Ordinance

8.ڪميٽي طرفان انشورنس ٽيرف طئي ڪرڻ

Insurance tariff determination by Committee

9.قاعدا، ضابطا ۽ نوٽيفڪيشنز جوڙڻ جو اختيار

Power to make Rules, Regulations and Notifications

10.اوور رائيڊنگ افيڪٽ

Overriding effect

11.آرڊيننس جي گنجائشن تي عملدرآمد

Application of the provision of the Ordinance

12.رنڊڪ هٽائڻ

Removal of Difficulty

# سنڌ ايڪٽ نمبر XIII مجريه 2015

# SINDH ACT NO.XIII OF 2015

## سنڌ عوامي ملڪيت جي انشورنس ايڪٽ، 2015

## THE SINDH INSURANCE OF PUBLIC PROPERTY ACT, 2015

[02 مارچ، 2015]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي سان لاڳاپيل عوامي ملڪيت جي سلسلي ۾ نان لائيف انشورنس جي پروڪيورمينٽ ڪرائي ۽ هدايت ڪئي ويندي؛

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ آئين جي (ارڙهين ترميم) ايڪٽ، 2010 جي پاسداري ڪندي، حڪومتي انشورنس ۾ اينڊڙ معاملا جيڪي صوبي جي هٿ هيٺ ورتا ويا آهن، اهي صوبائي اسيمبلي کي منتقل ٿي چڪا آهن، ۽ جيتوڻيڪ اهو ضروري ۽ لازم ٿي پيو آهي تہ سنڌ صوبي ۾ شامل عوامي ملڪيت جي انشورنس جي سلسلي ۾ قانون منظور ڪيو وڃي ۽ ان سلسلي ۾ عوامي ملڪيت جي نان لائيف انشورنس سان لاڳاپيل موجود قانون کي رد ڪيو وڃي.

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ عوامي ملڪيت جي انشورنس

Short title and commencement

ايڪٽ, 2015 سڏيو ويندو.

(2) ان کي سڄي صوبي سنڌ تائين وڌايو ويندو.

(3)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2.هن ايڪٽ ۾، جيستائين ڪجهه مضمون ۾ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(i) "ڪميشن" مطلب سڪيورٽيز ۽ ايڪسچينج ڪميشن پاڪستان؛

(ii)"ڪمپني" مطلب سنڌ انشورنس لميٽيڊ؛

(iii)"حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(iv)"آرڊيننس" مطلب انشورنس آرڊيننس، 2000؛ ۽

(v)"عوامي ملڪيت" مطلب ڪا بہ ملڪيت، متحرڪ يا غير متحرڪ، جيڪا تعلق رکي يا جنهن جو تحفظ يا انتظام قانوني ذميداري هجن:

(a) حڪومت، بشمول ڪنهن سرڪاري پروجيڪٽ سميت ان جي ماتحت مختلف کاتن جي؛

(b)ڪنهن مقامي اختياري بشمول پر جيڪا محدود نہ هجي قانون يا حڪومت تحت جوڙيل ڪائونسل يا باڊي ڪارپوريٽ جي؛ يا

(c)ڪمپني، فرم، ادارو تنظيم، اٿارٽي يا ٻي اسٽيبلشمينٽ جيڪا حڪومت يا مقامي اٿارٽي طرفان سنڀالي وڃي يا حڪومت جي ضابطي هيٺ هجي يا هن ايڪٽ جي مقصدن

لاءِ قانوني ڪارپوريشن ڪنٽرولنگ مالياتي حصو يا مفاد رکندي هجي.

(2) لفظ يا اظهار استعمال ڪيا ويا هجن پر هن ايڪٽ ۾ بيان نہ ڪيل هجن تہ انهن کي ساڳي معنيٰ حاصل هوندي، جيڪا انهن کي آرڊيننس ۾ ڏنل آهي.

عوامي ملڪيت جي انشورنس
Insurance of public property

3. دفعہ 4 جي گنجائشن موجب ڪنهن بہ عوامي ملڪيت سان لاڳاپيل سموري انشورنس، يا ڪنهن عوامي ملڪيت جي سلسلي ۾ ڪو خطرو يا ڪا رهت، فقط ڪمپني طرفان رکي يا فراهم ڪئي ويندي ۽ ڪنهن ٻئي انشورر طرفان رکي يا فراهم ڪئي نہ ويندي.

ڇوٽ
Exemption

4. (1) حڪومت، سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي ڪنهن عوامي ملڪيت يا ان سلسلي ۾ رهت کي دفعہ 3 جي لاڳو ٿيڻ کان ڇوٽ ڏئي سگهي ٿي، جنهن لاءِ ڄاڻايل دفعہ جون گنجائشون لاڳو ٿينديون هجن.

(2) جيڪڏهن ڪا ڪمپني اعلان ٿي ڪري تہ اها انشورنس جي نيڪي ۾ داخل ٿيڻ لائق نہ آهي يا دفعہ 3 ۾ ڄاڻايل معاملن جي سلسلي ۾ انشورنس فراهم ڪرڻ کان لڪت ۾ ڪو سبب ڄاڻائڻ جي انڪار ڪري ٿي، تہ ان کي دفعہ 3 جي گنجائشون جي لاڳو ٿيڻ کان ڇوٽ هوندي، ان حد تائين جيڪا نيڪي موجب انشورنس تجويز ڪيل هجي.

ايڪٽ جو لاڳو ٿيڻ
Applicability of the Act

5. (1) هن ايڪٽ ۾ شامل ڪجهہ بہ هن ايڪٽ جي شروعات کان اڳ عوامي ملڪيت يا دفعہ 3 ۾ ڄاڻايل رهت تي ملندڙ ڪنهن بہ انشورنس جي نيڪي يا ملندڙ انشورنس

ڪوريج کي متاثر، ختم يا ڊسچارج نہ ڪندو.

(2)جيستائين ذيلي دفعہ (1) جون گنجائشن جي ڪجھہ متضاد نہ هجي، هن ايڪٽ جي شروعات واري تاريخ کان هڪ سال جي عرصي تائين انشورنس جو ٺيڪو يا انشورنس ڪوريج ڪارگر رهندي.

آرڊيننس جي ڀڃڪڙي تي ڏنڊ
Penalty for contravention of the Ordinance

6.ڪو بہ شخص جيڪو عوامي ملڪيت جي انشورنس ڪرائي ٿو دفعہ 3 جي گنجائشن جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو تہ اهو سزا لائق هوندو، جنهن جو ڏنڊ يقين ڏياريل رقم جي هڪ سيڪڙو کان وڌيڪ نہ هوندو يا رقم جيڪا ٻہ ملين رپين کان وڌيڪ نہ هوندو، جيڪا بہ گهٽ هجي.

هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ جو خاتمو
Cessation of the application of this Ordinance

7. دفعہ 3 هيٺين مان ڪجھہ بہ ٿيڻ جي صورت ۾ غير موثر ٿي ويندو:

(a) ڪمپني بند ٿي وئي آهي؛ يا
(b)ڪميشن ڪمپني کي نون انشورنس جي ٺيڪن ۾ داخل ٿيڻ کان يا انشورنس ڏيڻ کان منع ڪرڻ جي هدايت ڪري ٿي؛
(c)حڪومت ڪمپني جي شيئرز جي گهٽ ۾ گهٽ ايڪونجاهہ سيڪڙو جي مالڪ نٿي رهي.

ڪميٽي طرفان انشورنس ٽيرف طئي ڪرڻ
Insurance tariff

8.(1) عوامي ملڪيت جا انشورنس ٽيرف ريٽس ڪميٽي طرفان وقت بوقت طئي ڪيا ويندا، جيڪي ذيلي دفعہ (2) تحت مقرر ڪيل ڪميٽي طرفان مارڪيٽ ريٽس ۽ رواجن

determination by Committee

موجب هوندا.

(2) ڪميٽي حڪومت طرفان مقرر ڪئي ويندي، جيڪا ٽن ميمبرز تي مشتمل هوندي، هر هڪ حڪومت، ڪمپني ۽ ايگزيڪيوٽو ڪميٽي آف انشورنس ايسوسيئيشن آف پاڪستان جو اڳوڻو يا موجود ميمبر.

(3) ڪميٽي جا ميمبرز ٻن سالن جي عرصي تائين عهدو رکندا ۽ ٻيهر مقرري لاءِ اهل هوندا، بشرطيڪ انهن جي مدي جي ختم ٿيڻ تي ڪميٽي ڪم جاري رکندي جيستائين حڪومت طرفان نئين ڪميٽي جو نوٽيس ڪڍيو وڃي.

قاعدا، ضابطا ۽ نوٽيفڪيشنز جوڙڻ جو اختيار

Power to make Rules, Regulations and Notifications

9. حڪومت هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي قاعدا، ضابطا ۽ نوٽيفڪيشنز جوڙيندي، جيڪي هن ايڪٽ جي گنجائشن سان تضاد ۾ نہ هوندا.

اوور رائيڊنگ افيڪٽ

Overriding effect

10.هن ايڪٽ جي گنجائشن کي اوور رائيڊنگ افيڪٽ هوندو، جيستائين ڪجھ وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي قانون جي متضاد نہ هجي.

آرڊيننس جي گنجائشن تي

11.آرڊيننس جي دفعہ 166 جون گنجائشون اهڙي عوامي

| | |
|---|---|
| ملڪيت يا اثاثي تي لاڳو نہ ٿيندي، جيڪي هن ايڪٽ جو معاملو هجن. | عملدرآمد<br>Application of the provision of the Ordinance |
| 12. جيڪڏهن هن ايڪٽ جي گنجائشون کي موثر بڻائڻ ۾ ڪا رڪاوٽ پيش اچي ٿي، تہ حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي اهڙي گنجائش جوڙيندي يا اهڙو حڪم جاري ڪندي جيڪو اهڙي رڪاوٽ کي هٽائڻ جي مقصد لاءِ ضروري هجي. | رنڊڪ هٽائڻ<br>Removal of Difficulty |

**نوٽ:ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**